رحمۃ اللہ علیہ

# غوث پاڪ امّت جي اصلاح

**26-OCTOBER-2023**



## اجتماعِ غوثيه جو بيان

(for Islamic Brothers)

26 آڪٽوبر 2023ء اجتماع غوثيه (11 ربيع الآخر 1445ھ، وڏي يارهين شريف) جو بيان

# غوث پاڪ ۽ امّت جي اصلاح

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ…

- …پٽ! تون بي وضو هُئين؟
- …مومن جي فراست جو ڪمال…!
- … غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف
- …توڪّل وڌائڻ جو روحاني وظيفو

پيشڪش

اَلۡمَدِيۡنَةُ الۡعِلۡمِيَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

هڪ ڀيري رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :تشريف فرما هئا، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بہ حاضر هئا، محفلِ نور سجيل هئي، ايتري ۾ هڪ صحابي رسول حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! مَا اَقْرَبُ الْاَعْمَالِ اِلَى اللهِ؟ الله پاڪ جو وڌيڪ قرب ڏيارڻ وارو عمل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: صِدْقُ الْحَدِيْثِ وَ اَدَاءُ الْاَمَانَةِ سچي ڳالهہ چوڻ ۽ امانت ادا ڪرڻ. عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! زِدْنَا يعني وڌيڪ اعمال ارشاد فرمايو! فرمايائون: صَلَاةُ اللَّيْلِ وَ صَوْمُ الْهَوَاجِرِ يعني رات جو نماز پڙهڻ ۽ گرمي ۾ روزا رکڻ (الله پاڪ جو قرب ڏيارڻ وارا عمل آهن) صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وري عرض ڪيو: زِدْنَا يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اجا وڌيڪ ارشاد فرمايو! فرمايائون: كَثْرَةُ الذِّكْرِ يعني الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ بہ قربِ خدا ڏيارڻ وارو عمل آهي، وڌيڪ ارشاد فرمايائون: وَالصَّلَاةُ عَلَيَّ تَنْفِي الْفَقْرَ ۽ مون تي درود شريف پڙهڻ (قرب الٰهي ڏيارڻ وارو عمل بہ آهي ۽ گڏوگڏ) محتاجي کي بہ دور ڪري ڇڏيندو آهي.

(مسالک الحنفا،المطلب الخامس،الفصل الثانی فی فوائد الصلاة علی النبی...الخ،صفحہ:178۔)

دُور ہو جائیں دُنیا کے رنج و اَلَم | ہو عطا اپنا غم دیجئے چشمِ نم
مال و دولت کی کثرت کا طالب نہیں | تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث شريف ۾ 6 اعمال جو ذڪر ٿيو (1) سچ ڳالهائڻ (2) امانت ادا ڪرڻ (3) رات جو نماز پڙهڻ (4) گرمي ۾ روزا رکڻ (5) ڪثرت سان الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ (6) رسول ذيشان، مڪي مدني سُلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف پڙهڻ، هي 6 اعمال الله پاڪ جو قرب ڏيارڻ وارا عمل آهن ۽ سُبْحٰنَ الله! درود شريف جي فضيلت جا بيان ٿي؟ هي اهو پيارو پيارو عمل آهي جيڪو الله پاڪ جو قرب به ڏياريندو آهي ۽ محتاجي، غربت ۽ تنگدستي ۽ بي روزگاري کان به نجات ڏياريندو آهي.

اڄڪلهه مهانگائي هونئن به چُوٽ چڙهي وئي آهي، غريب چا، هاڻي ته امير به پريشان آهن، ڪا ڳالهه ناهي، مشڪلاتون انسانن تي ئي ايندين آهن، پريشان ٿيڻ ڇڏي ڏيو! گهٽين بازارن ۾، دوست احباب جي ويهڪ ۾ مُهانگائي تي روئڻ ڇڏي ڏيو! درود پاڪ پڙهو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! غربت، تنگدستي، بي روزگاري کان به نجات نصيب ٿي ويندي.

اے دِینِ حق کے رہبر تم پر سلام ہر دَم
میرے شفیعِ محشر تم پر سلام ہر دَم
دُنیا و آخرت میں جب میں رہوں سلامت
پیارے پڑھوں نہ کیونکر تم پر سلام ہر دَم (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...وسائل بخشش، صفحہ:604۔
2...ذوقِ نعت،صفحہ:168ملتقطاً۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو تہ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

اسان جا پير، پيرانِ پير، پير دستگير حضور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت بُلند رُتبي وارا ڪامل ولي آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليمات ڪهڙي آهي؟ سندن دين جي خدمت ڪهڙي انداز ۾ ڪئي؟ ڪين ڪهڙي طرح ماڻهن جي ظاهر و باطن جي اصلاح فرمائيندا هئا؟ اڄ هن حوالي سان ڪجھ ڳالهيون ۽ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا واقعا وغيره اسان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، هن کان پهريان اچو! 11 هين شريف جي متعلق هڪ ايمان اَفروز واقعو ٻڌون ٿا:

## يارهين شريف جي محفل ۾ شير خدا جي آمد

برصغير(پاڪ و هند) جي نهايت ئي مشهور و معروف، معتبر شخصيت، پنهنجي وقت جا ڪامل ولي، عالمِ باعمل حضرت شاھ وَليُّ الله مُحدّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: حضرت مرزا مظهر جانِ جانان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (جيڪي تمام وڏا وليءِ

---

[1] ...بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحيِ، صفحو:65، حديث:1-

ڪامل آهن، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان ستو پيو هيس، مون خواب ۾ ڏٺو، هڪ جنگل آهي، اُن ۾ هڪ وڏو چبوترو آهي ۽ ڪيترائي اولياءِ ڪرام هن چبوتري تي مراقبي جي حالت ۾(يعني اکيون بند ڪري الله پاڪ جي ياد ۾ گم) وينا آهن، هن حلقي جي وچ ۾ حضرت خواجہ نقشبند ۽ حضرت خواجہ جُنيد بغدادي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِما تشريف فرما آهن. حضرت خواجہ جُنيد بغدادي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ تي بہ عجيب ڪيفيت طاري هئي، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هر شيءِ کان بي خبر ٿي ربّ ڪريم جي ياد ۾ گم هئا. مون ڪنهن کان پڇيو: هي سيئي اولياء هتي چو جمع ٿيا آهن؟ ٻڌايو ويو: مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت علي المرتضيٰ، شيرخدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ تشريف ڪٽي اچڻ وارا آهن، سيئي انهن جي استقبال جي لاءِ حاضر آهن. اجا ٿوري ئي دير گذري هئي تہ حضرت علي المرتضيٰ شيرخدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ تشريف ڪٽي آيا، سندن سان گڏ هڪ ٻيو شخص بہ هيو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان جو هٿ نهايت پيار سان پڪڙي رکيو هيو، پڇڻ تي ٻڌايو ويو: حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان جيڪا شخصيت آهي، اها ڪا ٻي نہ بلڪ خَيْرُ التَّابِعِين (يعني تابعين ۾ بلند رتبو رکڻ وارا، عظيم عاشق رسول) حضرت اويس قرني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ آهن.

حضرت مرزا مظهر جانِ جانان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هن جڳهہ هڪ خوبصورت ۽ نور سان جڳمڳائيندڙ ڪمرو هيو، حضر علي المرتضيٰ ۽ حضرت اُويس قرني رَضِیَ اللہُ عَنْہُما هن ڪمري ۾ تشريف ڪٽي ويا. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايو ويو: اڄڪلهہ حضور غوث الثقلين (شيخ عبدالقادر جيلاني) رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو عرس پاڪ يعني وڏي يارهين شريف آهي، هن تقريب ۾ شرڪت جي لاءِ ئي حضرت علي المرتضيٰ ۽ حضرت اُويس قرني رَضِیَ اللہُ عَنْہُما تشريف ڪٽي آيا آهن. (.ڪلماتِ طيبات، صفحه:77۔)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا اولياءِ ڪرام وصال کان بعد ڪٿي اچي وڃي سگهن ٿا؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اَڄ الحمدُلله! وڏي يارهين شريف(يعني ربيع الثاني جي 11 هين رات) آهي. الحمدلله! هن رات تي سڄي دنيا ۾ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ذڪر پاڪ جون محفلون سجنديون آهن، عاشقانِ غوث پاڪ ڌوم ڌام سان يارهين شريف ملهائيندا، ذڪر غوث پاڪ ڪري ايمان کي تازو ڪندا ۽ ان جون برڪتون ماڻيندا آهن ۽ ڏسو! ڪهڙي ڪرم جي ڳالھ آهي، ٻن وڏن رُتبي وارن ولين سڳورن حضرت شاھ وليُّ الله مُحدّث دهلوي ۽ حضرت مرزا مظهر جانِ جانان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِماگواهي ڏني تہ يارهين شريف جي محفل ۾ وڏا وڏا اولياءِ ڪرام ۽ شهنشاهِ ولايت حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ انهن سان گڏ عظيم عاشق رسول حضرت اويس قرني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ تشريف ڪٽي آيا..!! هي ضروري ناهي تہ هر محفلِ يارهين شريف ئي ۾ اهي هستيون تشريف ڪٽي اچن، البتہ چاهين تہ ڪرم فرمائيندا بہ آهن.

## يارهين شريف جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ يارهين شريف جو اهتمام لازمي طور تي ڪرڻ گهرجي، يارهين شريف ڇا آهي؟ ايصال ثواب آهي ۽ ايصال ثواب ڪرڻ قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي. صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون بارگاھ رسالت ۾ عرض ڪيو: اسان پنهنجي فوت ٿيلن جي لاءِ دُعائون ۽ انهن جي طرفان صدقو ۽ خيرات وغيره ڪندا آهيون، ڇا هي شيون انهن تائين پهچن ٿيون؟ پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ هي شيون فوت ٿيلن تائين پهچن ٿيون وَيَفْرَحُوْن بِهٖ كَمَا يَفْرَحُ اَحَدُكُمْ بِالْهَدِيَّةِ يعني جيئن

توهان تحفو ملڻ سان خوش ٿيندا آهيو، ايئن ئي مري ويل هن (ايصالِ ثواب) ڪان خوش ٿيندا آهن. (عمدة القاری، کتاب الجنائز، باب موت الفجاۃ البغتۃ، جلد:6، صفحہ:305، تحت الحدیث:1388۔)

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ غوث پاڪ! اسان يارهين شريف جو اهتمام ڪيون، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي لاءِ ايصالِ ثواب ڪيون، هن سان غوث پاڪ اسان سان خوش ٿي وڃن ته اسان ڪي ٻيو ڇا گهرجي..!!

رکھتا ہے جو غوثِ اعظم سے نیاز | ہو تا ہے خوش اس سے مولیٰ بے نیاز[1]

حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪو شخص هر چنڊ جي يارهين رات تي مقرر (يعني مخصوص ڪيل) پيسن مان مسلمان جي دڪان تان منائي خريد ڪري يارهين جي فاتحه ڏيندو ڪري ته روزيءَ ۾ تمام گهڻي برڪت ٿيندي، ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪڏهن به پريشانيءَ ۾ مبتلا نه ٿيندو، مان پاڻ ان جو سخت پابند آهيان ۽ الله پاڪ جي فضل سان ان جون بيشمار فضيلتون محسوس ڪيان ٿو.( اسلامی زندگی، صفحہ:132 خلاصتاً۔)

ہوں گی آساں ساری تیری مشکلیں | صدقِ دِل سے غوث کی کر دے نیاز
ہے فضیلت گیارہویں تاریخ میں | اس لئے افضل ہے اس میں دے نیاز
سازوساماں کی نہیں تخصیص کچھ | جو میسر ہو اسی پر دے نیاز[2]

اَلحَمْدُلله! عاشقِ غوث پاڪ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد به آهن ۽ غوث پاڪ سان بي پناهه محبت رکن ٿا، سندن ڪيترن ئي سالن کان اهو معمول آهي ته هر اسلامي مهيني جي يارهين جي رات تي يارهين شريف جي نياز جو اهتمام ڪندا آهن ۽ ان جي

---

1...قباله بخشش، صفحه:142۔

2...قباله بخشش، صفحه:142۔

ترغيب ڏياريندا رهندا آهن. سندن اها خواهش آهي تہ هر عاشقِ رسول پابندي سان هر مهيني يارهين شريف جو اهتمام ڪندو ڪري. ڪاش! اسان عاشقانِ غوث پاڪ کي هن جي توفيق ملي ۽ هر مهيني پابندي سان يارهين شريف جو نياز ڏيارڻ جو اهتمام ڪيون.

آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اے جمیلِ قادری ہشیار باش | عمر بھر چھوٹے نہ یہ تجھ سے نیاز (1)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! حضورغَوۡثِ اعۡظَمۡ، شيخ سيدعبۡدُالقادرجِيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مشهور هستي آهن * سندن نالو پاڪ: عبدُ القادر ۽ ڪنيت: ابو محمد آهي * محيُ الدّين (يعني دين کي زنده ڪرڻ وارا) ۽ غوثُ الثَّقلين (يعني جنن ۽ انسانن جا غوث، مددگار) سندس مشهور لقبَ آهن ❁ حضورغَوۡثِ پاڪ، شيخ سيدعبۡدُالقادرجِيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه 470 هجري جو جيلان ۾ پيدا ٿيا ❁ 91 سال هن دنيا ۾ زنده رهيا ❁ 561 هجري ۾ سندن دنيا کان پردو مٽايو.

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا | اُونچے اُونچوں کے سَروں سے قدم اعلیٰ تیرا
سر بھلا کیا کوئی جانے کہ ہے کیسا تیرا | اولیا ملتے ہیں آنکھیں وہ ہے تلوا تیرا (2)

## يارهينءَ وارو پير چوڻ جو سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ عام طور تي حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي

---

1...قباله بخشش، صفحه:142۔

2 ... حدائقِ بخشش، صفحه:19۔

يارهين وارو پير چوندا آهن، هونئن به حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ايصال ثواب جي محفل وغيره کي يارهين شريف چيو ويندو آهي. ان جا ڪيترائي سبب آهن. مثلاً ✿ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو يومِ وصال 11 ربيع الثاني تي ٿيو، انهي ڪري کين يارهين وارو پير چيو وڃي ٿو ✿ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو سلسلو نسب يارهن واسطن کان امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تائين وڃي پهچي ٿو. (زبدة الآثار، ذکر نسبه وصفته، صفحه:35-36۔) ✿ سندن طريقت جو شجرو به 11 واسطن کان حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان وڃي ملي ٿو ✿ حڪيم الأمت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب جاءالحق ۾ هن جو هڪ ٻيو نهايت ئي پيارو ۽ ايمان اَفروز سبب لکيو آهي: لکن ٿا: حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻارهين شريف يعني ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد شريف پابندي سان ڪندا هئا، هڪ ڏينهن رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: **عبدالقادر! تو اسان کي ٻارهين سان ياد ڪيو، اسان توکي يارهين ڏيون ٿا.** چوته هيءُ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڏنل تحفو آهي، ان ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي انهيءَ نالي سان سڏيو وڃي ٿو، اَلْحَمْدُلِلّٰه! صديون گذرڻ باوجود اڄ به غلامانِ غوث پاڪ ربيع الثاني ۾ خاص ڪري ۽ ان کان علاوه هر مهيني جي يارهين تاريخ تي ذوق ۽ شوق سان يارهين شريف جو اهتمام ڪندا آهن.

(جاءالحق،صفحہ:220خلاصتًہ)

تیرے جد کی ہے بارہویں غوثِ اعظم
ملی ہے تجھے گیارہویں غوثِ اعظم
تجھے سب نے جانا، تجھے سب نے مانا
تری سب میں دُھومیں مچیں غوثِ اعظم (1)

## غوثِ پاڪ ۽ اُمّت جي اصلاح

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليمات ۽ سندن ديني خدمتن جي متعلق ڪجھ ڳالهيون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا:

1...قباله بخشش، صفحه:166۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پٽ! تون بي وضو هُئين

**شيخ اَبُو الفَرج** رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ **عاشق غوث پاڪ** تي گذريو آهي، ڪيس حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو زمانو مبارڪ نصيب ٿيو، زيارت جو شرف بہ مليو ۽ حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہجي عقيدت ۽ محبت بہ عطا ٿي، شيخ ابو الفرج رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ پيري مون ڪي حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي مدرسي جي پرسان گذرڻ جي سعادت نصيب ٿي، اهو عصر جي نماز جو وقت هيو ۽ مدرسي جي ويجهو مسجد ۾ تڪبير ٿي رهي هئي، مون موقعي کي غنيمت سمجهيو تہ هڪ تہ عصر جي نماز باجماعت پڙهي وٺندس ۽ گڏوگڏ حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي زيارت بہ نصيب ٿي ويندي، جيئن تہ مان جلدي ۾ مسجد ۾ داخل ٿيس، مونکي گمان هو تہ مان وضو سان آهيان، سو مان جلدي مان جماعت ۾ شامل ٿي ويس، حضور غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي اقتداء ۾ نماز پڙهي، جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ دلين جي حالت کان باخبر، پٽڪيلن جي رهبر حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ منهنجي طرف متوجه ٿيا فرمايائون: اَیْ بُنَیَّ! **اي پٽ!** اَلْغَفْلَۃُ شَامِلَۃٌ لَّکَ **غلفت توکي گهيري ورتو،** قَدْ صَلَّیْتَ عَلٰی غَیْرِ وُضُوْءٍ **تو بنا وضو جي نماز پڙهي آهي.** (القلائد الجواہر،صفحہ:30 خلاصۃً۔)

قطبِ اَبدال بھی ہے محورِ ارشاد بھی ہے
مرکز دائرۂ سرّ بھی ہے عبد القادر

اس کے فرمان ہی سب شارحِ حکمِ شارع
مظہرِ ناہی و آمر بھی ہے عبد القادر

وضاحت: اسان جا غوث پاڪ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ عبدالقادر آهن يعني قدرتن واري ربّ ڪريم جا ٻانها آهن، پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ قطب ۽ ابدال جي مرتبي تي فائض

آهن ۽ راهِ راست ڏيکارڻ ۽ اسرار جي دائري جا مرڪز بہ آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ارشاد پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانن جي تشريح ۽ سندن ڪلام حڪمِ خداونديءَ مطابق هوندو آهي.

## مؤمن جي فراست جو ڪمال

پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي اسان جي پيرن جي پير، پير دستگير حضور غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو...!! شيخ ابوالفرج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وساري وينا هئا تہ منهنجو وضو آهي بہ اَلائي نہ پر قربان وڃو! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي باطني علم ۽ بصيرت واري نور سان ڄاڻي ورتو تہ انهن بنا وضو جي نماز پڙهي آهي. اهو آهي اولياءِ ڪرام جو بلند شان، الله پاڪ پنهنجي نبين جي صدقي انهن کي بہ لڪيل ڳالهين جو علم عطا فرمائيندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ الله يعني مومن جي فراست کان بچو ڇوتہ هُو الله پاڪ جي نور سان ڏسندو آهي.
(ترمذی،کتاب تفسیر القرآن،باب و من سورة الحجر،صفحہ:722،حدیث:3127۔)

فراست هڪ نور آهي جيڪو الله پاڪ ٻانهي جي دل ۾ رکندو آهي.
(لمعات التنقیح،کتاب الصلاة،باب ما لا یجوز من العمل...الخ،جلد:3،صفحہ:113،تحت الحدیث:978۔)

علامہ مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث پاڪ جي شرح ڪندي لکن ٿا: اهو نور جيڪو الله پاڪ ڪامل مومن جي دل ۾ رکندو آهي، ان سان ٻانهي جي دل چمڪي ڪري آئيني جيان ٿي ويندي آهي(جنهن ۾ هر شيءِ صاف نظر ايندي آهي)، لهٰذا ان نور جي برڪت سان ٻانهو لڪيل ڳالهين کان باخبر ۽ رازن کي ڏسڻ وارو بڻجي ويندو آهي.( فیض القدیر،جلد:1،صفحہ:185-186 ،تحت الحدیث:151 ملتقطًا۔ )

## توهان منهنجي لاءِ شيشي جيان آهيو

اَلْحَمْدُلله! حضور شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪامل مؤمن ئي نہ بلڪ ڪاملن جا بہ امام آهن، پيرن جا پير آهن. سندن کي بہ ربّ ڪريم فراست جو

نُور عطا فرمايو هيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو چا تہ مقام ۽ مرتبو آهي. خود فرمائن ٿا: اي انسانو! جيڪڏهن مونکي شريعت طرفان روڪيو نہ ويو هجي ها تہ مان توهان کي ٻڌايان ها جيڪو توهان گهرن ۾ کائو ٿا ۽ جيڪو بچائي رکو ٿا. اَنْتُمْ بَيْنَ يَدِيْ كَا لْقَوَارِيْرِيُرىٰ مَا فِي بَوَاطِنِكُمْ وَ ظَوَاهِرِكُمْ يعني توهان منهنجي سامهون شيشي جي بوتل جيان آهيو، توهان جو ظاهر ۽ باطن سڀ ڪجهہ نظر ايندو آهي.

(بهجة الأسرار ،ذكر كلمات اخبر بها عن نفسه...الخ،صفحه:55۔)

بندہ قادِر کا بھی، قادر بھی ہے عَبْدُ القادِر
سِرِّ باطن بھی ہے ظاہر بھی ہے عَبْدُ القادِر

مفتیٔ شرع بھی ہے، قاضیٔ ملّت بھی ہے
عِلْمِ اَسرار سے ماہِر بھی ہے عَبْدُ القادِر

ذی تَصَرُّف بھی ہے مَاذُون بھی مختار بھی ہے
کارِ عالَم کا مُدَبِّر بھی ہے عَبْدُ القادِر [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انفرادي طور (يعني اڪيلي ۾) سمجهايو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان واقعو ٻڌو، شيخ اَبُوالفرج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ويسر ٿي، پاڻ بي خيالي ۾ وضو کان بغير نماز پڙهي ڇڏي، اُن تي سيدي غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يڪدم اصلاح فرمائيندي ٻڌايو تہ تنهنجو وضُو نہ هيو، لِهٰذا وضو ڪري ٻيهر نماز پڙهو...!!

هن مان حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو جذبو بہ معلوم ٿئي ٿو. ❁ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اَلْحَمْدُلِلّٰه! بيان بہ ڪندا هئا. ❁ وڏن وڏن اجتماعن ۾ پُراثر بيان ڪري ماڻهن جون زندگيون بہ بدلي ڇڏيندا هئا. ❁ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مدرسي ۾ پڙهائيندا بہ هئا. ❁ ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انفرادي طور تي بہ

[1]... حدائقِ بخشش، صفحه:69ملتقطًا۔

سمجهائيندا ۽ اصلاح فرمائيندا هئا.

ڪاش! اسان کي بہ اِهو جذبو نصيب ٿي وڃي! عام طور تي اجتماعي نيڪي جي دعوت جو سلسلو ٿيندو رهندو آهي، مبلغ بيانات ڪندا آهن، درس ڏيندا آهن، سوشل ميڊيا ۽ ٽي وي چينلن جي ذريعي بہ ماڻهو بين تائين نيڪي جون ڳالهيون پهچائي رهيا هوندا آهن پر انفرادي طور تي ڪنهن کي غلطي ڪندي ڏسو تہ ان کي سمجهائڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ، ان جي اصلاح جو سامان ڪرڻ ۾ گهٽتائي نظر اچي ٿي. انفرادي طور تي سمجهائڻ ۾ عام طور تي همت ناهي ٿيندي، درس ۽ بيان ڪرڻ جي مقابلي ۾ ان ۾ هٻڪ وڌيڪ ٿيندي آهي پر اجتماعي نيڪي جي دعوت جي مقابلي ۾ انفرادي طور تي سمجهائڻ جي ضرورت وڌيڪ آهي، اهميت بہ وڌيڪ آهي ۽ ان جا فائدا بہ وڌيڪ نظر ايندا آهن. اهو شرعي مسئلو هميشہ ياد رکو! جيڪڏهن مون ڪنهن کي ڪو گناهہ جو ڪم ڪندي ڏٺو ۽ مون کي يقين آهي تہ مان ان کي سمجهائيندس تہ اهو سمجهي ويندو، اهڙي صورت ۾ ان کي سمجهائڻ واجب ٿي ويندو آهي.

(بہارِ شریعت،جلد:3،صفحہ:615،حصہ:16 بتغیر قلیل۔)

لهٰذا اڪيلي ۾ ماڻهن کي سمجهائڻ جي عادت ٺاهيو! ❁ ڪنهن کي نماز ۾ غلطي ڪندي ڏسي ورتو. ❁ ڪنهن کي وضو ۾ غلطي ڪندي ڏٺو. ❁ ڪنهن جي دُڪان تي ويا ۽ ان گانا پئي ٻڌا. ❁ ڪنهن کي غيبت ڪندي ❁ چغلي ڪندي ڏسي ورتو. ❁ گاريون ڏيندي ٻڌي ورتو، جيڪڏهن يقين آهي تہ مان ان کي سمجهائيندس تہ سمجهي ويندو، اهڙي صورت ۾ موقعي جي مناسبت سان. حڪمت عملي سان. ❁ پيار محبت سان ان کي سمجهائي ڪري نيڪي جي دعوت جو ثواب ڪمائڻ ۾ هرگز سستي نہ ڪرڻ گهرجي. منهنجي ۽ اوهان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جو قسم! جيڪڏهن الله پاڪ توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي بہ هدايت ڏئي

چڱي تہ اهو توهان جي لاءِ ڳاڙهن اُٺن کان بہ وڌيڪ بهتر آهي. (بخاری،کتاب الجہاد و السیر،باب دعاء النبی الی الاسلام...الخ،صفحہ:758،حدیث:2942۔) **حضرت ڪعب الاحبار** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي: جنت الفردوس خاص ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو نيڪي جي دعوت ڏي ۽ برائي کان منع ڪري. (تَنْبِيهُ الْمُغْتَرِين،و من اخلاقہم امرہم بالمعروف...الخ،صفحہ:201۔)

اللّٰه پاڪ اسان کي خوب خوب نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. يقين ڪيو! جيڪڏهن اسان اهو انداز اختيار ڪيون، سمجهڻ سمجهائڻ وارا، اصلاح ڪرڻ ۽ اصلاح قبول ڪرڻ وارا بڻجي وڃون تہ اسان جو سماج مثالي معاشرو بڻجي ويندو. اللّٰه پاڪ عمل جو جذبو عطا فرمائي.

میں نیکی کی دعوت کی دھومیں مچا دوں | ہو توفیق ایسی عطا یا الٰہی
مُبلّغ بنوں کاش! میں سُنّتوں کا | سَدا دیں کی خدمت کروں یہ دُعا ہے(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ مُحيُ الدِّين آهن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** پنجين صدي هجري يعني جنهن دور ۾ حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جن تشريف ڪٽي آيا، ان وقت امّتِ مسلمہ ڪيئي آزمائشن جو شڪار هئي، مسلمانن جي عقيدن ۽ نظرين تي حملا ٿي رهيا هئا، بدمذهبي پکڙجي رهي هئي، مسلمانن جي اخلاق ۽ ڪردار کي زخمي ڪيو پئي ويو، ڪافر سازشون ڪري رهيا هئا. اُندلس (موجوده اسپين) ۾ مسلم حڪومت دم ٽوڙي رهي هئي، مصر ۾ ڪافرن جو قبضو ٿي چڪو هو ۽ عراق ۾ حَسَن صبّاح (نالي منافق ۽ نهايت ظالم شخص)

---

1 ...وسائلِ بخشش،صفحہ:332۔

جي تنظيم قتل و غارت ۽ لُٽ مار مچائي رهي هئي ۽ بغداد شريف جيڪو ان وقت دارُالخِلافہ هو، اتان جا حالات اهڙا هئا جو چيو ويندو هو:

قَارُوْنُ لَوْحَلَّ بِهَا | جَازَتْ عَلَيْهِ الصَّدَقَةُ

يعني قارون جهڙو وڏو امير شخص بہ جيڪڏهن بغداد ۾ رهائش اختيار ڪري تہ (اتان جي حالات، مهانگائي ۽ اخراجات جي وجھ سان ايترو ڪنگال ٿي ويندو جو) ان ڪي بہ زڪوٰة لڳي سگهندي.

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهڙي نازڪ حالات ۾ دين جي خدمت ڪئي، امّتِ مسلمہ جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي سهارو ڏنو، دين جي اصل تعليمات کي زنده ڪيو ۽ مسلمانن جي اخلاق ۽ ڪردار ۾ قرآن ۽ سنّت ۽ ديني تعليمات جو نور ڀري ڇڏيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي انهن خدمتن جي ڪري کيس مُحيُ الدين (يعني دين کي زنده ڪرڻ وارو) چيو ويندو آهي.

تُو حُسینی حَسَنی کیوں نہ مُحْیُ الدِّیں ہو | اے خِضَر مَجْمَعِ بَحْرَیْن ہے چشمہ تیرا[(1)]

## مُحيُ الدِّين لقب ڪيئن مليو...؟

حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جمعي جو ڀلارو ڏينهن هيو، مان سفر کان واپس موٽي رهيو هيس، راستي ۾ هڪ هنڌ نهايت ڪمزور شخص تي نظر پئي، ان مون کي سلام ڪيو، مان سلام جو جواب ڏنو، ان شخص چيو: مون کي اٿاريو! مان کيس اٿاري ويهاريو تہ اوچتو ان جو چهرو پروقار ۽ جسم تروتازه ٿي ويو، مان ڏاڍو حيران ٿيس، ان تي هن شخص چيو: حيران ٿيڻ جي ڳالھ ناهي، مان (اوهان جي ناني سائين حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو) دين آهيان، (ماڻهن جي بي رغبتي ۽ لاپرواهي جي سبب) مان

---

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:19 ملتقطًا۔

ڪمزور ٿي رهيو هيس، الله پاڪ اوهان جي ذريعي مون کي نئين زندگي عطا فرمائي، اوهان مُحيُ الدين آهيو. ان کان پوءِ جڏهن مان بغداد پهتس، جمعي نماز ادا ڪئي تہ ماڻهو ڊوڙندا مون وٽ آيا ۽ يَا مُحْيَ الدِّيْنِ پڪاريندي منهنجا هٿ چمڻ لڳا.( بهجة الْاَسْرَار ،ذكر فصول من كلامه مرصعا...الخ،صفحه:109 خلاصةً۔)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا پير حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مُحْيُ الدِّيْن آهن، يعني ماڻهن ۾ بي عملي وڌي رهي هئي، بدمذهبي عروج پڪڙي رهي هئي، ماڻهو دين کان پري ٿي رهيا هئا، سُنت کي ڇڏي ڪري فيشن جي طرف ڀڄي رهيا هئا، نمازن جو جذبو گهٽجي رهيو هو، مال ۽ دولت جي محبت، منصب ۽ عهدو ۽ تاج ۽ تخت جي لالچ دل ۾ گهر ڪري رهي هُئي، اهڙي حالات ۾ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اُمت جي اصلاح جو بار کنيو ۽ ڏينهن رات محنت ڪري دين کي ٻيهر زنده فرمايائون.

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلله! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي برڪت سان لکين ڪروڙين ماڻهن جي اصلاح ٿي، چور آيا، توبہ ڪري ولايت جي بلند درجي تي فائز ٿي ويا، شرابي، بي حيا، گمراهہ، بدمذهب، ايسٽائين جو غير مسلم بہ سندن هٿ مبارڪ تي ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿيندا هئا. ڪنهن عاشقِ غوث اعظم لکيو آهي:.

| | |
|---|---|
| بِمَقْدَمِهٖ اَنْهَلَ السَّحَابُ وَ اعْشَبَ الْعِرَاقُ | وَزَالَ الْغَيُّ وَ اتَّضَحَ الرُّشْدُ![1] |

وضاحت: پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اچڻ سان (رحمت جي) ڪڪرن سيراب ڪري ڇڏيو ۽ عراق شهر سرسبز ٿي ويو، ۽ گمراهي ويندي رهي ۽ هدايت ظاهر ٿي وئي.

## بداخلاق ڇوڪري توبہ ڪئي

حضرت ابو حسن قَوَّاس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان ۽ مون سان گڏ

[1]...بهجة الْاَسْرَار،ذكر علمه و تسمية بعض شيوخه رضى الله عنه،صفحه:202۔

ڪيترائي ماڻهو حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي زيارت جي لاءِ روانا ٿياسين، اسان سڀني پنهنجي مشڪلات ۽ پريشانين جي حل جي لاءِ دعا ڪرائڻ جو ارادو رکيو هيو، رستي ۾ ٻيا ماڻهو بہ اسان سان گڏ ملي ويا. انهن ۾ هڪ ڇوڪرو هيو، مان ان کي سڃاڻندو هيس، هُو تمام گهڻو بداخلاق هيو، هو اڪثر ناپاڪ رهندو هيو. خير! اسان سڀئي بارگاهِ غوثيت ڏانهن وڃي رهيا هئاسين تہ اتفاق سان حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان رستي ئي ۾ ملاقات ٿي وئي، اسان سڀني اڳتي وڌي ڪري سلام ڪيو ۽ هڪ هڪ ٿي ڪري سندن هٿ چمڻ لڳاسين. اهو ڇوڪرو جنهن جا اخلاق چڱا نہ هئا، جڏهن اهو حضور غُوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هٿن کي چمي ڏيڻ جي لاءِ اڳتي وڌيو تہ حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجو هٿ مبارڪ هٽائي ڇڏيو، پوءِ هڪ نظر ان ڇوڪري ڏانهن ڏٺائون، سرڪار غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نگاهہ مبارڪ برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ اهو ڇوڪرو بيهوش ٿي ڪِري پيو، جڏهن هوش ۾ آيو تہ اُن يڪدم پنهنجي بُري اخلاق کان توبہ ڪئي، پوءِ غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **ان** سان هٿ ملايو. (قلائد الجواہر،صفحہ:32 خلاصۃً۔)

## بدمذهبن توبہ ڪري ورتي

شيخ ابو الحسن قرشي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: 559 هجري جو واقعو آهي تہ بدمذهبن جي هڪ وڏي جماعت حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضِر ٿي، اُنهن وٽ بہ ٽوڪرا هئا، جن جو منهن بند هو، اُن بدمذهبن سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پڇيو: ٻڌايو! هنن ٽوڪرن ۾ ڇا آهي؟ حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي بصيرت (يعني باطني نِگاهہ، دِل جي نُور) سان ڄاڻي ورتو ۽ هڪ ٽوڪري تي هٿ رکي فرمايائون: هن ۾ هڪ اپاهج (يعني معذور) ٻار آهي. پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

پنهنجي شهزادي حضرت عبد الرزاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمايو: هن ٺوڪري جو منهن کوليو! ٺوڪري جو منهن کوليو ويو ته ان ۾ واقعي معذور ٻار هو، سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ٻار تي پنهنجو هٿ مبارڪ رکي فرمايائون: قُمْ بِاِذْنِ الله! الله پاڪ جي حڪم سان بيهي رهو...! ايترو فرمائڻو هو جو ان ٻار جي معذوري نيڪ ٿي وئي ۽ هو صحيح سلامت اُٿي بيهي رهيو، هاڻي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻي ٽوڪري تي هٿ رکي فرمايائون: هن ۾ تندرست ٻار آهي. جڏهن ٽوڪرو کوليو ويو ته ان ۾ واقعي تندرست ٻار هو، شهنشاهِ بغداد حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اها زِنده ڪرامت ڏسي انهن تمام بدمذهبن پنهنجن بُرن عقيدن کان توبه ڪئي ۽ سچا عاشِقانِ رسول بڻجي ويا.[(1)]

| | |
|---|---|
| لیجئے شفائے کامِلہ دربار میں اے کامل | بیمارِ عِصیاں آگیا بغداد والے مرشد |
| ایمان اس کا بچ گیا شیطان سے، جو تیرے | ہے سلسلے میں آگیا بغداد والے مرشد |
| کیوں نَزع و قَبْر و حشر کا ڈر اب مُریدوں کو ہو | تو "لَاتَخَف" سنا گیا بغداد والے مرشد[(2)] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواب ۾ نيڪي جي دعوت

فُتُوحُ الغيب جيڪا حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب آهي. ان ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان سِتل هيس، مون خواب ۾ ڏٺو ته ڪنهن مسجد ۾ آهيان، اُتي ڪيترائي ماڻهو جمع آهن، مون دل ئي دل ۾ سوچيو، ڪاش! هتي فلاڻو نيڪ ٻانهو هجي ها، اهو انهن ماڻهن کي دين جو اَدب سيکاري ها..!! ايترو سوچڻ کان بعد مون هڪ نيڪ شخص ڪي اشارو ڪيو، جيئن ئي انهن کي

1...قلائد الجواہر، صفحہ:137-138۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:545- 546 ملتقطًا۔

منهنجو اشارو مليو اهي سيئي ماڻهو منهنجي چوڏاري گڏ ٿي ويا، انهن مان هڪ چيو: حضور! توهان ڳالهايو ڇو نٿا؟ (يعني توهان اسان کي ڪجھ سيکاريو!). حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن اها درخواست قبول فرمائي ۽ انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ شروع فرمائي، پاڻ خواب ئي خواب ۾ هڪ پرتاثير بيان فرمايو. (فتوح الغيب،المقالة الخامسة عشرة فى الخوف و الرجاء،صفحه:33خلاصةً۔) جنهن جي برڪت سان انهن سيني ماڻهن توبه ڪئي ۽ سعادت واري مقام تي پهچي ويا.

( شرح فتوح الغيب،المقالة الخامسة عشر،صفحه: 94 خلاصةً۔)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي اسان جي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو...!! ڪهڙي نه سُٺي ننڊ آهي، ڪهڙي نه پياري سُجاڳي آهي، هن مان خبر پئي ته نيڪي جي دعوت ڏيڻ، معاشري جي اصلاح ڪرڻ حضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي طبيعت جو حصو بڻجي چڪو هيو، ايستائين جو پاڻ ننڊ ۾ هوندا هئا يا سُجاڳي ۾ هرحالت ۾ بس علمِ دين عام ڪرڻ، ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، الله پاڪ جي ٻانهن کي الله پاڪ سان ملائڻ ئي جو فڪر رهندو هيو.

ڪاش! اسان کي به اها سعادت ملي، ڪاش اسان جو صرف هڪ ئي مقصد ٿي وڃي: **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** ( اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!)، پوءِ ان مقصد کي ڪٽي صرف هر وقت سکڻ، سيکارڻ، ٻڌڻ ٻڌائڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ نيڪين جي دعوت عام ڪرڻ ئي ۾ مصروف رهندا ڪيون. گهر هجي، دڪان هجي، بازار هجي يا پاڙو هجي، سفر ۾ هجو يا مقيم، فون تي ڳالھ ٿئي يا سامهون ملاقات ٿئي، هر وقت نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ بنائڻ جي ڌن سوار ٿي وڃي.

نیک بن جائیں ہم، تاجدارِ حرم
واسِطہ خُلقِ محبوب کا ہے

دردِ عِصیاں مِٹے، عادتِ بد چُھٹے
یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

سُنّتوں کی کروں خوب خدمت
نیک میں بھی بنوں اِلتجا ہے
ہر کسی کو دوں نیکی کی دعوت
یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ بنائڻ جي مشين بڻجي وڃو!

عاشقِ غوث اعظم، شيخ طريقت، امير اهل سنت اسان کي سمجهائيندي لکن ٿا: پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين جا حَرِيص بڻجي وڃو، ٻين کي نمازي بڻائڻ جي مُهم تيز کان تيز ڪيو، جڏهن به باجَمَاعَت نماز جي لاءِ مسجِد وڃڻ لڳو ته ٻين کي تَرغِيب ڏئي گڏ وٺي وڃو، جنهن کي نماز نٿي اچي انهن کي نماز سيکاريو، جيڪڏهن اوهان جي ڪري هڪ به نمازي بڻجي ويو ته جيستائين هو نمازون پڙهندو رهندو ان جي هر هر نماز جو اوهان کي به ثوَاب مِلندو رهندو. وڏي عمر جي عاشقانِ رسول جي لاءِ مختلف مقامات تي لڳڻ واري مَدرَسةُ المدينہ بالِغان ۾ داخِلا وٺو، ان ۾ پاڻ به قرآنِ ڪريم سکو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو. اوهان کان سکڻ وارو جڏهن تِلاوت ڪندو ته اوهان کي به ان جي تِلاوت جو ثوَاب ملندو رهندو. اوهان پاڻ به سُنَّتن تي عَمَل ڪيو ۽ ٻين کي به عَمَل تي آماده ڪيو. جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي هڪ سُنَّت سيکاري، ته هاڻي هو جڏهن جڏهن ان سُنَّت تي عَمَل ڪندو، اوهان کي به ان سُنَّت تي عَمَل ڪرڻ واري جيان ثوَاب ملندو رهندو اِنْ شَآءَاللّٰه. مدني دوري ۽ مَدَني قافِلن ۾ سُنَّتن ڀري سَفَر جي ذَرِيعي پنهنجي ۽ ٻين جي اِصلاح جي زور دار مُهم هلائي مُسَلمانن کي " نيڪ "بَنائڻ جي"مَشِين "بڻجي وڃو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم ثواب جو ڍير لڳي ويندو ۽ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

تیرے کرم سے اے کریم! مجھے کون سی شے ملی نہیں
جھولی ہی میری تنگ ہے تیرے یہاں کمی نہیں

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:139۔

حُجَّةُ الاسلام حضرت امام اَبُوْ حَامِد محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: اي الله پاڪ! جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪي جو حڪم ڏي ۽ بُرائي کان منع ڪري ان جي جزا ڇا آهي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: مان ان جي هر هر ڪلمي جي بدلي هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنّم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياء ايندي آهي.(مکاشفة القلوب، صفحه:48۔)

سُبْحٰنَ الله! جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندؤ ته هر هڪ ڪلمي(لفظ، قول يا ڳالهه) جي بدلي هڪ سال جي عبادت جو ثواب ماڻيندا، فرض ڪيو! اوهان ڪنهن ڏينهن مسجد ۾ صرف هڪ اسلامي ڀاءُ جي سامهون فيضان سُنّت جو درس ڏنو ۽ اُن ۾ 2 صفحا پڙهي ڪري ٻڌايا، هاڻي جيڪڏهن ان ۾ 20 ڳالهيون نيڪي ۽ ڀلائي جون بيان ٿيون ته درس ٻڌڻ وارو اهو اسلامي ڀاءُ ان تي عمل ڪري يا نه ڪري پر اوهان جي اعمالنامي ۾ اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! 20 سال جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو ۽ جيڪڏهن اوهان کان درس ٻڌي ڪري اُن اسلامي ڀاءُ عمل ڪرڻ شروع ڪيو ته اهو جيستائين عمل ڪندو رهندو اوهان کي به برابر ان عمل ڪرڻ واري جيترو ثواب ملندو رهندو ۽ جيڪڏهن ان اوهان جي درس مان سکيل ڪا سُنت ڪنهن ٻئي تائين پهچائي ته ان جو ثواب ان پهچائڻ واري کي به ملندو ۽ اوهان کي به. اهڙي طرح اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! اوهان جو ثواب وڌندو ئي ويندو. نيڪي جي دعوت جو آخرت ۾ ملڻ وارو ثواب انسان جيڪڏهن دنيا ئي ۾ ڏسي وٺي ته ڪا گهڙي به فضول ضايع نه ڪري، هر وقت ئي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندو رهي. (نيکی کی دعوت،صفحه:230-231ملتقطًا۔)

میں نیکی کی دعوت کی دھومیں مچاؤں | تو کر ایسا جذبہ عطا یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## غوث اعظم جي تعليمات

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صاحبِ سلسلہ آهن، يعني باڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قادري سلسلي جي بنياد رکي ۽ ان جا اصول مقرر فرمايائون: اَلحَمْدُلله! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اها بہ هڪ دور انديشي آهي جو ڪين پنهنجي دور ۾ سماج جي اصلاح جي خاطر جيڪي اُصول مقرر فرمايا هئا، اَڄ بہ اهي اُصُول ڪارآمد آهن، جيڪڏهن اسان سلسلي عاليہ قادريہ جي انهن بنيادي اصولن کي اپنايون تہ اسان جو سماج هڪ مثالي معاشرو بڻجي سگهي ٿو. سلسلي عاليہ قادريہ جا اُهي بنيادي اصول ڪهڙا آهن؟ اچو! انهن مان ڪجھ ٻڌون ٿا:

### (1) مُجاهدو

سلسلي عاليہ قادريہ جو پهريون اصول مجاهدو آهي. اُن جو مطلب آهي: پنهنجو پاڻ کي سُڌارڻ جي باقاعده ڪوشش ڪرڻ. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

**آيت** وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَاؕ **ترجموڪنزالعرفان:** ۽ جن اسان جي راهہ ۾ ڪوشش ڪئي اسان ضرور انهن کي پنهنجا رستا ڏيکاريندا سين. (پاره:21،العنڪبوت:69)

انهيءَ ڪري حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي سلسلي عاليہ قادريہ جو بنياد مجاهدي تي رکيو آهي، جڻ پنهنجي تعليمات جي ذريعي اسان کي اهو سيکاري رهيا آهن تہ انسانو! صرف ڳالهيون ڪرڻ سان ڪجھ نہ ٿيندو بلڪ اهو اسان مان هر ڪنهن تي لازم آهي تہ اسان پنهنجي اندر انصاف سان ڏسون، پنهنجي برائين، پنهنجي گناهہ پنهنجي برين عادتن کي پاڻ ڏسون، پوءِ انهن بيمارين ۽ بُري عادتن کي ختم ڪري انهن جي جڳهہ تي چڱيون عادتون اپنائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيون، جڏهن معاشري جو هر ماڻهو اها ڪوشش ڪندو تہ سُڌارو اچڻ شروع ٿي ويندو، ان جي برڪت سان سڄو معاشرو سڌري ڪري هڪ مثالي معاشرو بڻجي ويندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! انهيءَ ڪري اسان سيني کي گهرجي ته اڄ کان ئي اسان مجاهدو شروع ڪيون. اهو ڪيئن ٿيندو؟ اچو! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ اثر ڪندڙ بيان ٻڌون ٿا:

## نجات چاهيو ٿا ته....

11 رجب، 545 هجري، سومر جو ڏينهن هيو، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪندي فرمايو: اي شخص! جيڪڏهن ڪاميابي چاهين ٿو ته پنهنجي نفس جي مخالفت ۽ پنهنجي پالڻهار جي فرمانبرداري ڪر! پنهنجي نفس کي مجاهدي جي ذريعي ڳار! ائين ڪندين ته تنهنجي دل کي اطمينان ۽ سُڪون ملي ويندو. اي شخص! پنهنجون اميدون گهٽ ڪر، تنهنجو نفس تنهنجو فرمانبردار ٿي ويندو. پنهنجي نفس کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها نصيحت ٻڌايو ته (الفتح الربانی،المجلس الثالث و الاربعون فی النفس الاماره،صفحہ:139-140ملتقطًا۔) پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن توهان صبح ڪيو ته پنهنجي پاڻ کي شام جي اُميد نه ڏياريو! جڏهن شام ڪيو ته پاڻ کي صبح جي اميد نه ڏياريو! بيشڪ توهان نٿا ڄاڻو ته سڀاڻي توهان جو نالو ڇا هوندو(يعني توهان کي جناب ڇئي ڪري پڪاريو ويندو يا مرحوم ڇئي ڪري ياد ڪيو ويندو).

(ترمذی،کتاب الزہد،باب ما جاء فی قصر الامل،صفحہ:558،حدیث:2333 ملتقطًا۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو آهي مجاهدي جو طريقو، اسان پنهنجون اميدون گهٽ ڪيون، قبر ۽ آخرت کي هر وقت سامهون خيال ڪيون، الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي حڪمن تي مضبوطي سان عمل ڪيون، هن معاملي ۾ نفس و شيطان جي دوکي ۾ نه اچون، جيڪڏهن اسان اها عادت اپنايون ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين ۽ جيڪڏهن هرڪو پنهنجي اصلاح ڪري ته سڄو معاشرو ئي سڌري ويندو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقِ غوث پاڪ شيخ طريقت امير اهل سنت

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ اڄوڪي دور ۾ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليم تي آساني سان عمل ڪرڻ جي لاءِ نيڪ اعمال عطا فرمايا آهن. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 نيڪ اعمال، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، مدرسةُ المدينہ جي ٻارن جي لاءِ 40، جامعةُ المدينہ جي طالبن جي لاءِ 92 نيڪ اعمال آهن، هي هڪ مختصر رسالو آهي هن ۾ مختلف سوالات لکيل آهن، هر سوال جي هيٺان خالي خانا ڏنا ويا آهن، روزانو مقرر وقت تي انهن سوالن کي پڙهي ڪري پنهنجي سڄي ڏينهن جي اعمال جو جائزو وٺڻ ۽ خانہ پرڻا هوندا آهن. پنهنجي اصلاح جو هي اهڙو بي مثال طريقو آهي جو جيڪڏهن اسان اپنايون ۽ استقامت سان ان تي عمل ڪندا رهون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سالن يا مهينن ۾ نہ بلڪ ڪجهہ ڏينهن ۾ اسان جي اندر تبديلي اچڻ شروع ٿي ويندي.

## پورو خاندان سڌري ويو

ضلع اَٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گناهن سان ڀرپور زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آواره گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوشنصيبي جو مان ان سان مسجد هليو ويس، مغرب ڪان پوءِ بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ درج نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي اصلاحِ امّت جي لاءِ غم ڏسي ڪري مون انهيءَ وقت بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطّاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت ڇا ٿئي، دل گناهن ڪان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي

وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنايو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنورجڻ لڳا، منهنجي هن تبديليءَ جو منهنجي گهر وارن تي بہ سُٺو اَثر ٿيو، الحمد لله! آهستہ آهستہ پورو خاندان ئي قادري، رضوي، عطّاري ٿي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀريي چينلن جي جڳهہ تي مدني چينل هلڻ لڳو.(دلوں کا چین، صفحہ:4۔)

خوب مَدنی قافِلوں کی دھوم ہو
”مَدنی اِنعامات“ کی ہو ریل پیل
نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین
نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین[1]

ياد رکو: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاٿي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) توڪّل

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليہ قادريہ جو ٻيو اهم بنيادي اُصول تَوَڪُّل آهي. حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تَوڪّل جي حقيقت اها آهي تہ انسان پنهنجا سيئي ڪم الله پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ دل سان اهو يقين ڪري تہ قسمت ۾ تبديلي نہ ٿيندي، جيڪو مقدر ۾ لکيو ويو آهي، اهو ملي ڪري ئي رهندو، جيڪو ناهي لکيو ويو، اهو هرگز نہ ملندو. جڏهن انسان دل جي يقين سان اها ڳالهہ ڄاڻي وٺي تہ ان جي دل سُڪون حاصل ڪندي آهي.
(اَلْغُنْيَه ،القسم الخامس التصوف،باب المجاہدۃ و التوکل...الخ،صفحہ:317ملتقطًا۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! اها بہ نهايت اهم تعليم آهي ۽ مُعاشري جي اصلاح جي لاءِ وڏو اهم بنياد آهي. توڪُّل جي برڪت سان ٻانهو لالچ کان بچي ويندو

---

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

آهي. ❁ حسد جي بيماري کان نجات ملندي آهي. ❁ مال ۽ دولت جي محبت دل مان نڪرندي آهي. ❁ دوکو. ❁ فريب. ❁ ڪوڙ. ❁ چوري وغيره ڪيترن ئي گناهن کان انسان کي نجات ملي ويندي آهي. اوهان پاڻ غور ڪيو! جڏهن سماج ۾ ايترا عيب نہ هوندا تہ معاشرو ڪيترو پاڪيزه ۽ خوبصورت ٿي ويندو. انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان توڪُّل اختيار ڪيون، الله پاڪ تي ڀروسو ڪرڻ سکون.

## تَوَڪّل وڌائڻ جو روحاني وظيفو

فقيهُ العصر مفتي اَمين صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حَسْبُنَا اللهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْل جو وظيفو ڪرڻ سان توڪل مضبوط ٿيندو آهي، ۽ جنهن جو توَّڪل مضبوط ٿي وڃي، اُن کي ڪنهن شيءِ جي ڪمي ناهي رهندي، ڇوتہ الله پاڪ فرمائي ٿو: (دو خزانے،صفحہ:3خلاصۃً۔) **آيت** وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري تہ اهو ان کي ڪافي آهي. (پاره:28،الطلاق:3)

## (3) صِدْق يعني سچائي

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليہ قادريہ جو ٽيون اهم بنيادي اصول سچائي آهي. هڪ ڀيري ڪنهن حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو: اوهان جي طريقي جي بنياد ڪهڙي شيءِ تي آهي؟ فرمايائون: عَلَى الصِّدْقِ يعني منهنجي طريقي جي بنياد سچائي تي آهي. مون ننڍپڻ کان هاڻي تائين ڪڏهن بہ ڪوڙ ناهي ڳالهايو.

(بهجة ُ الاسرار،ذکر طريقه رضی اللہ عنہ،صفحہ:167 خلاصۃً۔)

معاشري جي اصلاح جي لاءِ اهو بہ نهايت اهم بنياد آهي. جيڪڏهن معاشري ۾ ڪوڙ تي مڪمل پابندي لڳائي ڪري سچ کي رواج ڏنو وڃي تہ اسان جو معاشرو تمام گهڻين برائين کان پاڪ ٿي ويندو. نهايت مشهور واقعو آهي: هڪ

پيرو ڪنهن شخص بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! مان شراب بہ پيئندو آهيان، چوري بہ ڪندو آهيان ۽ ڪوڙ بہ ڳالهائيندو آهيان، انهن ٽنهي مان صرف هڪ بُرائي ڇڏي سگهان ٿو، ٻڌايو! ڪهڙي ڇڏيان؟ فرمايائون ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيو.

ان رڳو ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو تہ ان جي برڪت سان ٻنهي برائين کان نجات نصيب ٿي وئي. (تفسيرِ ڪبير،پاره11،التوبہ،زيرِ آيت:119،جلد:6،صفحہ:167 خلاصةً۔)

## ڳائڻو توبہ ڪري نيڪوڪار بڻجي ويو

هڪ ڀيري حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ايثار جي موضوع تي بيان فرمائي رهيا هئا، بيان ڪندي پاڻ اوچتو خاموش ٿي ويا ۽ فرمايائون: جيستائين 100 اشرفيون نہ ڏنيون وڃن، مان اڳتي بيان نہ ڪندس. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو اهو فرمان ٻڌي ڪري فوراً 40 ماڻهو اٿيا ۽ سيني سؤ سؤ اشرفيون پيش ڪيون. غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن مان هڪ جون اشرفيون قبول ڪيون ۽ پنهنجي خادم اَبُو رضا کي ڏيندي فرمايائون: فلاڻي قبرستان ۾ هليو وڃ، اُتي هڪ پوڙهو شخص هوندو جيڪو باجو وڄائي رهيو هوندو، هي اشرفيون ان کي ڏجانءِ ۽ ان کي ساڻ ڪري اسان وٽ وٺي اچجانءِ.

غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا خادم شيخ اَبُو رضا فرمائن ٿا: مان قبرستان ۾ پهتس تہ فرمانِ غوث پاڪ جي مطابق واقعي اُتي هڪ پوڙهو وينو هيو جيڪو باجو وڄائي رهيو هيو. بهرحال مون ان کان دعا سلام ڪيو، پوءِ جيئن ئي اشرفيون ان جي طرف وڌايون، اُن پوڙهي هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ بيهوش ٿي ڪِري پيو. جڏهن هوش آيو تہ مون چيو: شيخ عبدالقادر جيلاني توهان کي ياد ڪري رهيا آهن. جڏهن اسان بارگاهِ غوثيہ ۾ حاضر ٿياسين تہ غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: هن پوڙهي کي منبر تي ويهاريو! اهو منبر تي اچي ويو. فرمايائون: پنهنجو قصو بيان ڪيو! هاڻي ان پوڙهي عرض ڪيو: مان جواني ۾ تمام وڏو ڳائڻو هيس، آواز

تمام سنو هيو، ماڻهن ۾ مقبوليت هئي، وقت ڏاڍو سنو گذري رهيو هيو، پوءِ پوڙهائپ اچي وئي، آواز ۾ اهو مزو نه رهيو، هاڻي جڏهن ماڻهن مون کان منهن موڙيو، ته ان مان منهنجي دل ٽٽي پئي ۽ مون اهو ارادو ڪيو ته مان هاڻي جيئرن کي نه بلڪ مئلن کي ڳائڻ ٻڌائيندس. جيئن ته مان قبرستان هليو ويس ۽ اُتي مون ڳائڻ وڄائڻ شروع ڪيو، ڪڏهن هِن قبر وٽ ڳائيندو هيس، ته ڪڏهن هُن قبر وٽ ڳائيندو گهمندو وتندو هيس، پوءِ مان هڪ قبر جي پرسان ويهي رهيس، چا ٿو ڏسان ته اها قبر ڦاٽي، هڪ ماڻهوء جو مٿو ٻاهر نڪتو ۽ چيائين: مُردن کي ڪيستائين ٻڌائيندو رهندي. پنهنجي فرياد وڃي الله پاڪ جي حضور ۾ ٻڌاءِ! اهو تنهنجو سوال پورو فرمائي ڇڏيندو. اُن شخص جي اها ڳالهه ٻڌي ڪري مون تي بيهوشي طاري ٿي وئي. جڏهن مون کي هوش آيو ته عقل پنهنجي جاءِ تي اچي چڪو هيو، جيئن ته مون الله پاڪ جي دربار ۾ سچي دل سان فرياد ڪئي، اجا فرياد ڪري ئي رهيو هيس ته اوهان جو خادم اچي پهتو

اهو واقعو بيان ڪرڻ کان بعد ان پوڙهي پنهنجو موسيقي وارو آلو ٽوڙي ڪري سچي دل سان توبہ ڪري ورتي. هن موقعي تي حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اصلاح جا مدني گل ڏيندي فرمايو: اي انسانو! هن شخص فضول ڪم جي نيت ۾ سچائي اپنائي ته الله پاڪ ان جي دامنِ مراد کي پري ڇڏيو ته جيڪو شخص پنهنجي تمام حالتن ۾ سچائي کي اختيار ڪري، پنهنجي نيت سچي ڪري ته ان تي الله پاڪ جو ڪيترو ڪرم ٿيندو؟ تنهنڪري توهان سيني تي لازم آهي ته سچي نيت يعني نيت جي سچائي ۽ باطن جي پاڪيزگي کي اختيار ڪيو! جيڪڏهن هي ٻئي ڳالهيون(سچي نيت ۽ باطن جي صفائي) نه هجي ها ته ڪو بہ انسان الله پاڪ جو قرب حاصل نه ڪري سگهي ها. چا توهان الله پاڪ جو اهو فرمان ناهي ٻڌو: (قلائد الجواہر،صفحہ:27 خلاصۃً) **آيت** وَ اِذَا قُلۡتُمۡ فَاعۡدِلُوۡا ترجموڪنزالعرفان: ۽ جڏهن ڳالهه ڪيو ته عدل ڪيو. (پاره:8،الانعام:152)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اها آهي سچ جي برڪت...!! پنهنجي نيت ۾ سچائي رکڻ، سچ ڳالهائڻ، ڪوڙ کان پري رهڻ جي برڪت سان الله پاڪ جو قرب ملندو آهي، برائين کان نجات ملندي آهي، توبہ جي توفيق نصيب ٿيندي آهي ۽ ٻانهو سُڌري ڪري بلند مقامن تائين پهچڻ جي لائق بڻجي ويندو آهي.

تنهنڪري اسان سڀني تي لازم آهي تہ هميشہ سچ ڳالهائيندا ڪيون، ڪوڙ کان هميشہ نفرت ڪيون.

غیبت سے اور تُہمت و چغلی سے دُور رکھ | خُو گر تُو سچ کا دے بنا یا ربِّ مصطفٰے!

## بيعت جو مختصر تعارف ۽ افاديت ۽ فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلو عاليہ قادريہ نهايت ئي بابرڪت سلسلو آهي اَلْحَمْدُلله! شيخ طريقت امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ قادري سلسلي ۾ بيعت آهن سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ قادري سلسلي ۾ بيعت هئا ۽ اَلْحَمْدُلله! باقي جيترا طريقت جا سلسلا آهن جيئن سلسلہءِ نقشبنديہ، سلسلہءِ سهروورديہ، سلسلہءِ چشتيہ انهن سڀني ۾ بہ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ئي فيضان پهچي ٿو. سلسلہءِ عاليہ قادريہ جا سربراهہ شهنشاهہ سيّدي غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن ۽ هي سلسلو اَلْحَمْدُلله! متصل مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تائين ۽ ان کان اڳتي پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي ٿو، جيڪڏهن اوهان اڃا تائين ڪنهن ڪامل پير جا مريد ناهيو ٿيا تہ مشورو آهي تہ سلسلي عاليہ قادريہ ۾ ڪنهن جامع شرائط پير جا مريد ٿي وڃو.

**ياد رهي! ڪنهن پيرِ ڪامل جو** مُريد ٿيڻ جون تمام گهڻيون برڪتون ۽ فائدا آهن، مثال طور ان جي برڪت سان ايمان جي حفاظت نصيب ٿيندي آهي، ☆ **نماز**

روزي جي پابندي نصيب ٿيندي آهي، ★ **فرض علم** سکڻ جي مدني سوچ ملندي آهي، ★ **حلال، حرام** جي سڃاڻپ نصيب ٿيندي آهي. ★ **اِحترامِ مسلم** ۽ **ايماني جذبو** نصيب ٿيندو آهي، ★ شيطان کان حفاظت ٿيندي آهي، ★ دل ۾ عبادت جو شوق ۽ تِلاوتِ قرآن جو ذوق ملندو آهي. ★ بُري صحبت کان بچڻ جو ذهن بڻجندو آهي، ★ دِين جي معلومات حاصل ٿيندي آهي، ★ گناهن کان توبہ نصيب ٿيندي آهي، ★ دِيني ۽ دنياوي پريشانيون ختم ٿينديون آهن، ★ انسان جو ڪردار سنو ٿيندو آهي. مطلب تہ مريد ٿيڻ جي برڪت سان انسان دنيا ۽ آخرت ۾ سعادتمند ٿي ويندو آهي .

امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہْ کان مريد ٿي ڪري ماڻهن کي ڪهڙا ڪهڙا فائدا مليا، ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿيون ❁ امير اهل سُنت کان مريد ٿي ڪري عالم بڻجي ويا ❁ مفتي بڻجي ويا ❁ حافظ بڻجي ويا ❁ گهر ۾ ديني ماحول بڻجهي ويو ❁ ڏاڙهيون رکيون ويون ❁ عماما سجي ويا ❁ مديني جي محبت نصيب ٿي وئي ❁ حج جي رغبت ٿي ❁ ڪيترائي حاجي بڻجي ويا ❁ نعتون پڙهڻ جو ❁ نعتون ٻڌڻ جو شوق نصيب ٿيو ❁ عشق رسول مليو ❁ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تعارف ٿيو ❁ غوث پاڪ جو تعارف ٿيو ❁ انهي طرح جيڪڏهن اسان غور ڪندا وڃون تہ اهڙيون سوين مثالون ملنديون جيڪي امير اهل سنت جو مريد ٿيڻ جي برڪت سان نصيب ٿيون. الغرض مريد ٿيڻ جي برڪت سان انسان دنيا ۽ آخرت ۾ سعادتمند ٿي ويندو آهي.

اَلحَمْدُلله! شيخ طريقت، امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہْ کي پنهنجي پيرو مرشد حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان بيحد محبت هئي، اچو غوث پاڪ سان سندن محبت جون ڪجھ ايمان افروز جهلڪيون ملاحظ ڪيو:

(1) امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہْ جو تحرير ڪيل نعتيہ ديوان وسائل

بخشش پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان محبت جو واضح دليل آهي، جنهن ۾ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ حضور غوث پاڪ جي شان ۾ ٻه ڪيئي ڪلام ۽ غوثيہ نعرا تحرير ڪيا آهن. (2) پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خاندان، آل ۽ اولاد، سندن مزار پُرانوار، گنبذ و مينار، سندن شهر الغرض ڪائنس تعلق رکڻ واري هر شيءِ سان بي انتها محبت فرمائيندا آهن. (3) اَلحَمْدُلله! امير اهل سنت جي تربيت جي برڪت سان وڏي يارهين شريف جي وڏي رات جي موقعي تي ملڪ ۽ بيروني ملڪ اجتماعِ غوثيہ جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، جن ۾ ڪڏهن شان غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تہ ڪڏهن سيرت غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، ڪڏهن خاندانِ غوث اعظم تہ ڪڏهن ڪردار غوث اعظم، وغيره جي موضوعن تي سنتن ڀريا بيان ۽ مناقبِ غوث اعظم جو سلسلو ٿيندو آهي. اميراهلسنت حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي يارهين شريف جي رات ۾ عاشقانِ رسول کي بغدادي نسخو استعمال ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا آهن.

الله ڪريم اسان سڀني کي امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْجي ۽ سندن جي صدقي ۾ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سچي پڪي غلامي نصيب فرمائي ۽ اسان جو خاتمو ايمان تي فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راه خدا ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي فيضان غوث و خواجہ آهي، اَلحَمْدُلله! دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليمات کي عام ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو جذبو ڏيارڻ ۾

مصروف آهي. دعوت اسلامي عشق رسول ۽ عشق صحابہ ۽ اهل بيت ۽ عشق اولياء جا جام پري ڪري پياريندي آهي. حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان پنهنجي روحاني وابستگي مضبوط ڪرڻ، صحابہ ۽ اهل بيت ۽ اولياءِ ڪرام جي مَحبت دل ۾ ويهارڻ جي لاءِ اوهان بہ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ معاشري جي اصلاح جي جذبي سان 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حصو وٺڻ شروع ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هفتيوار هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾ بہ آهي. ✿ پهريان هن ديني ڪم کي يومِ تعطيل اعتڪاف چيو ويندو هو، هاڻي هن ديني ڪم کي هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾ چيو وڃي ٿو. الحمد لله! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول ڳوٺن ڀهراڻين ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن. ✿ جمعي يا آچر واري ڏينهن اسلامي ڀائر اهڙن علائقن ۽ ڳوٺن جي اطراف ۾ ويندا آهن. جتي 12 ديني ڪم شروع ڪرڻ يا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي حاجت هوندي آهي ✿اُتي مسجد ۾ قيام ڪيو ويندو آهي. ✿ طئي ڪيل جدول جي مطابق ڪنهن هڪ نماز کان بعد مسجد کان ٻاهر وڃي ويجهي گهرن ۽ دڪانن تي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي. ✿ عاشقانِ رسول کي هتي هت مسجد ۾ اچڻ جي ترغب ڏياري ويندي آهي مثال طور ✿ اچو! اوهان بہ اسان سان گڏ مسجد هلو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! . ✿ علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو. ✿ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو. ✿ راهِ خدا ۾ نڪرڻ جي سعادت ملندي. حديث پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪو قدم راهِ خدا ۾ خاڪ هاڻو ٿيندو، ان کي جهنم جي باھ نہ ڇُهندي. (مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356خلاصتہ). ✿ جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا جي لاءِ

پنهنجي مسلمان ڀائرن ڏانهن ڳوٺن ۾ وڃي حديث پاڪ ۾ ان جي لاءِ جنت جي بشارت آهي.( معجم اوسط،جلد:1، صفحہ:472، حديث:1743۔)

## ديني ماحول جي برڪت سان منهنجي گناهن جي عادت ختم ٿي وئي

پتوڪي (ضلع قصور، پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان بُري صحبت جو شڪار ۽ ان جي ڪري ڪيترن ئي گناهن ۾ مبتلا هيس، منهنجي قسمت جو ستارو ايئن چمڪيو جو هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ(جيڪو پري ڪان اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ ڏينهن راهه خدا ۾ ڏيڻ جي لاءِ آيو هو) ان مونکي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مون سندس نيڪي جي دعوت قبولي ورتي ۽ مسجد ۾ هڪ ڏينهن جي نفلي اعتڪاف جي لاءِ حاضر ٿي ويس، ان جي برڪت سان مون کي دلي سڪون مليو. ويندي وقت ان اسلامي ڀاءَ مون کي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي بہ دعوت ڏني. اَلحَمْدُلِلّٰه! مون کي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي بہ سعادت نصيب ٿي وئي، دعوت اسلامي جي عاشقانِ رسول جا پيارا پيارا اخلاق ڏسي ڪري مان تہ دعوت اسلامي ئي جو ٿي ويس، اَلحَمْدُلِلّٰه! هن پياري پياري ديني ماحول جي برڪت سان منهنجي گناهن جون عادتون ختم ٿي ويون ۽ ان سان گڏوگڏ منهنجو سڄو گهراڻو بہ شيخ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ذريعي قادري عطاري سلسلي ۾بيعت ٿي ڪري نيڪ رستن جو مسافر بڻجي ويو.

(يومِ تعطيلِ اعتکاف،صفحہ:33۔)

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]…وسائلِ بخشش،صفحہ:180۔

# اسپيشل پرسن موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول!هاڻي ٽيڪنالوجي جو دور آهي. الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ عِلمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن مان هڪ ايپلي ڪيشن اسپيشل پرسن(***Special Person***) بہ آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ نابينا افراد جي لاءِ سکڻ جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن، مثال طور هن ۾ آڊيو لائبريري جو آپشن بہ آهي، گونگن ٻوڙن جي لاءِ حج ۽ عمري، نماز، وضو ۽ غسل جو طريقو اشارن جي زبان ۾ شامل ڪيو ويو آهي، اشارن جي زبان سکڻ جي لاءِ ***Sign Language Course*** اُن ۾ موجود آهي. اوهان بہ هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪيو ۽ اوهان جي دوستن، مٽن مائٽن ۾ جيڪڏهن ڪي اسپيشل پرسن (يعني گونگا ٻوڙا) اسلامي ڀائر آهن تہ انهن تائين بہ هيءَ ايپلي ڪيشن پهچايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّۃِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

[1] مشڪوٰة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالڪتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسواڪ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

2 فرمانِ آخري نبي رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): ٻہ رڪعتون مِسواڪ ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن ڪان افضل آهي.( مسند الفردوس، جلد:2، صفحہ:265، حديث:3236ـ) (2): مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪيو ڇوتہ هن ۾ وات جي صفائي ۽ اللّٰہ پاڪ جي رِضا جو سبب آهي. (مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:438، حديث:5869ـ)

**اي عاشقانِ رسول!** * حُضُور نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر رات ڪيئي ڀيرا مسواڪ ڪندا هئا، هر ڀيري سمهڻ مهل بہ ۽ جاڳڻ وقت بہ * بغير چڱي نيت جي مِسواڪ ڪرڻ سان طَبعي فائدا تہ حاصِل ٿيندا پر ثواب نہ ملندو، مثلاً وُضُو جي لاءِ مِسواڪ ڪرڻو هجي تہ هيٺن تي نيتون ڪريو: رِضاءِ الٰهي، سُنت جي ادائيگي ۽ ذِڪر و دُرُود جي لاءِ وات کي پاڪيزه ڪرڻ جي غرض سان مِسواڪ ڪندس * مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، *حضرتِ سيدُنا عبد اللّٰہ ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏهہ خوبيون آهن وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، مسواڪ ڪرڻ واري کان فرشتا خوش ٿين ٿا، مسواڪ ڪرڻ واري کان ربّ راضي ٿئي ٿو، مسواڪ نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي * مسواڪ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٺو جو ڇيچ ان جي هينان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو ڇيڙي تي هجي * مسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو

آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن بڌي سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيۡن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۾ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو[1]
سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو[2]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيۡن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]… وسائلِ بخشش،صفحہ:670-671 ملتقطًا۔
[2]… وسائلِ بخشش،صفحہ:670-671 ملتقطًا۔